SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XLIII OF 1984

# سنڌ عوامي سهولتون (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH PUBLIC CONVEYANCES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1920 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of Section 5 of Sindh Act VII of 1920

3. 1920 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 10 جي ترميم

Amendment of Section 10 of Sindh Act VII of 1920

4. 1920 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 12 جي ترميم

Amendment of Section 12 of Sindh Act VII of 1920

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLIII مجريہ 1984
# SINDH ORDINANCE NO.XLIII OF 1984
# سنڌ عوامي سهولتون (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH PUBLIC CONVEYANCES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[15 نومبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ عوامي سهولتون ايڪٽ، 1920 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ عوامي سهولتون ايڪٽ، 1920 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ عوامي سهولتون ايڪٽ، 1920 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ عوامي سهولتون (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| 2. سنڌ عوامي سهولتون ايڪٽ، 1920 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ چيو ويندو، ان جي دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو: | سنڌ 1920 جي ايڪٽ VII جي دفعہ 5 جي ترميم<br>Amendment of Section 5 of Sindh Act VII of 1920 |
| "بشرطيڪ مٿي ڄاڻايل ذيلي دفعات تحت ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين متاثر شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نہ ڏنو وڃي.". | |
| 3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو: | سنڌ 1920 جي ايڪٽ VII جي دفعہ 10 جي ترميم<br>Amendment of Section 10 of Sindh Act VII of 1920 |
| "بشرطيڪ ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين متاثر شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نہ ڏنو وڃي.". | |
| 4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 12 ۾، ذيلي دفعہ (2) ڪانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعہ (3) شامل ڪيو ويندو: | سنڌ 1920 جي ايڪٽ VII جي دفعہ 12 جي ترميم<br>Amendment of Section 12 of Sindh Act VII of 1920 |
| "(3) هن دفعہ تحت سپرنٽينڊنٽ طرفان ڪو حڪم جاري ڪيو وڃي ٿو، ان کان اڳ متاثر شخص کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويندو.". | |
| **نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |